SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXII مجريه 1972

# SINDH ORDINANCE NO.XXII OF 1972

# اولهه پاڪستان جوا کان روڪٿام (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972

# THE WEST PAKISTAN PREVENTION OF GAMBLING (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1972

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1961 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس I جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of West Pakistan Ordinance I of 1961

3. 1961 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس I جي دفعه 3 جي ترميم
Amendment of Section 3 of West Pakistan Ordinance I of 1961

4. 1961 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس I ۾ دفعات 11_A ۽ 11_B جو اضافو
Addition of Section 11_A and 11_B to West Pakistan Ordinance I of 1961

5. لائسنس جاري ڪرڻ
Issue of license

6. قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXII مجريه 1972
# SINDH ORDINANCE NO.XXII OF 1972
# اولهه پاڪستان جوا ڪان روڪٿام (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972
# THE WEST PAKISTAN PREVENTION OF GAMBLING (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1972

[6 نومبر 1972]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان جوا ڪان روڪٿام آرڊيننس، 1961 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان جوا ڪان روڪٿام آرڊيننس، 1961 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 135 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي اولهہ پاڪستان جوا ڪان روڪٿام (سنڌ ترميم) آرڊيننس،1972 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

1961 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس I جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of Section 2 of West Pakistan Ordinance I of 1961

2.سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان جوا ڪان روڪٿام آرڊيننس، 1961 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به مک آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعه 2 ۾، لفظ “هنر” کانپوءِ لفظ ۽ ڪاما “يا هڪ لائسنس تحت قائم ڪيل، سنڀاليل ۽ هلندڙ ٽوئرسٽ ڪمپليڪس ۾ ڪيڏيون ويندڙ رانديون” شامل ڪيا ويندا:

1961 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس I جي دفعه 3 جي ترميم

Amendment of Section 3 of West Pakistan Ordinance I of 1961

3.مک آرڊيننس جي دفعه 3 ۾، شق (e)جي آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن ۽ لفظ “۽” سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

“(f) ‘ٽوئرسٽ ڪامپليڪس’ مطلب هڪ نجي عمارت يا ان جو حصو جيڪو ميوزيڪل ٿيٽريڪل پرفارمنس، تفريحن يا پرڏيهين لاءِ مختلف راندين کيڏڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي.”

1961 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس I ۾ دفعات 11_A ۽ 11_B جو اضافو

Addition of Section 11_A

4.مک آرڊيننس جي دفعه 11 کانپوءِ، هيٺيون نيون دفعات شامل ڪيون وينديون، يعني:

and 11_B to West Pakistan Ordinance I of 1961

لائسنس جاري ڪرڻ
Issue of license

“11_A. حڪومت اهڙين شرطن تي هڪ ٽوئرسٽ ڪامپليڪس قائم ڪرڻ، سنڀالڻ ۽ هلائڻ لاءِ لائسنس جاري ڪري سگهي ٿي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

11_B. حڪومت هن آرڊيننس جي گنجائشن کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي، ۽ خاص طور تي هيٺين لاءِ:

(a) ٽوئرسٽ ڪامپليڪس لاءِ لائسنس جي منظوري لاءِ شرطون بيان ڪرڻ؛
(b) ٽوئرسٽ ڪامپليڪس ۾ داخلائن جو انتظام ڪرڻ؛
(c) ٽوئرسٽ ڪامپليڪس ۾ ڪيڏيون وبندڙ مختلف راندين جو آپريشن.”

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**